# سنڌ ايڪٽ نمبر V مجريہ 2017

# SINDHACT NO.V OF 2017

# صوبائي موٽر گاڏيون (ترميم) ايڪٽ، 2015

# THE PROVINCIAL MOTOR VEHICLES (AMENDMENT) ACT, 2015

## (CONTENTS)فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1.مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1965.2 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس نمبر XIX جي دفعہ 49 جي ترميم

Amendment of section 49 of the West Pakistan Ordinance No.XIX of 1965

1965.3 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس نمبر XIX جي دفعہ F_67 جي ترميم

Amendment of section 67_F of the West Pakistan Ordinance No.XIX of 1965

1965.4 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس نمبر XIX جي تيرهين شيڊول جي تبديلي

Substitution of the Thirteenth Schedule of West Pakistan Ordinace No.XIX of 1965

# سنڌ ايڪٽ نمبر V مجريہ 2017

# SINDHACT NO.V OF 2017

# صوبائي موٽر گاڏيون (ترميم) ايڪٽ، 2015

## THE PROVINCIAL MOTOR VEHICLES (AMENDMENT) ACT, 2015

[22 مارچ 2016]

ايڪٽ جنهن ذريعي صوبائي موٽر گاڏيون آرڊيننس، 1965 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ صوبائي موٽر گاڏيون آرڊيننس، 1965 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا ان ڪانپوءِ هن ريت هوندي؛

ان ڪي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي صوبائي موٽر گاڏيون (ترميم) ايڪٽ، 2015 سڏيو ويندو.

(2) اهو فوري طور لاڳو ٿيندو.

1965 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس نمبر XIX جي دفعہ

2. صوبائي موٽر گاڏيون آرڊيننس، 1965 ۾، جنهن کي ان ڪانپوءِ جاٽايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 49 ۾:

49 جي ترميم
Amendment of section 49 of the West Pakistan Ordinance No.XIX of 1965

i. ذيلي دفعہ (1) ۾، لفظن "بئنڪ گارنٽي" لاءِ لفظ "گروپ انشورنس جو سرٽيفڪيٽ جيڪو انشورنس ڪمپني طرفان جاري ڪيو ويو هجي، جيڪا سڪيورٽيز اينڊ ايڪسچينج ڪميشن آف پاڪستان کان رجسٽرڊ هجي ۽ منظور شده ۽ حڪومت طرفان سرڪاري گزيٽ ۾ ڄاڻايل هجي" تبديل ڪيا ويندا؛

ii. ذيلي دفعہ (2) لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:

"(2) ڪو بہ سرٽيفڪيٽ، جيئن ذيلي دفعہ (1) ۾ ڄاڻايو ويو آهي، اسٽيج ڪيريج پرمٽ جي سلسلي ۾ گهربل نہ هوندو، جنهن ۾ شهري علائقي ۾ مڪمل طور تي اسٽيج ڪيريج هلائڻ لاءِ بااختيار بڻايو ويو هجي.

(3) ان صورت ۾ تہ ذيلي دفعہ (1) ۾ گهربل سرٽيفڪيٽ انشورنس ڪمپني طرفان ختم ڪيو ويو آهي تہ پرمٽ رد ٿي ويندي.

(4) هن ترميم جي لاڳو ٿيڻ کان اڳ جاري ڪيل پرمٽس هن ترميم جي لاڳو ٿيڻ جي 45 ڏينهن کانپوءِ ڪارگر نہ رهنديون، جيستائين سرٽيفڪيٽ جيئن ذيلي دفعہ (1) ۾ گهربل آهي، ريجنل ٽرانسپورٽ اٿارٽي طرفان ڄاڻايل وقت اندر فائيل نہ ٿو ڪيو وڃي.

1965 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس نمبر XIX جي دفعہ 67_F جي ترميم

3. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 67_F ۾:

(a) ذيلي دفعہ (1) ۾:

i. شق (a) ۾، لفظن "بئنڪ گارنٽي" ۽ "گارنٽي" جتي بہ اچن، لاءِ لفظ "سرٽيفڪيٽ" ۽ لفظن "گارنٽي ڏيندڙ

| | |
|---|---|
| Amendment of section 67_F of the West Pakistan Ordinance No.XIX of 1965 | بئنڪ” لاءِ لفظ “سرٽيفڪيٽ جاري ڪندڙ انشورنس ڪمپني” ترتيبوار متبادل هوندا، ۽<br>ii. شق (b) ۾ لفظن “بئنڪ گارنٽي” لاءِ لفظ “سرٽيفڪيٽ” متبادل هوندو.<br>(b) ذيلي دفعہ (2) ۾ لفظن “فريش بئنڪ گارنٽي” لاءِ لفظ “فريش سرٽيفڪيٽ” متبادل هوندا.<br>(c) |
| 1965 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس نمبر XIX جي تيرهين شيڊول جي تبديلي<br>Substitution of the Thirteenth Schedule of West Pakistan Ordinace No.XIX of 1965 | 4. ڇاڻايل آرڊيننس، 1965 ۾ تيرهين شيڊول لاءِ هيٺيون متبادل هوندو: |

## تيرهون شيڊول

**(ڏسو دفعات 50، 53 ۽ 67)**

**اسٽيج ڪيريج يا ڪانٽريڪٽ ڪيريج ۾ مسافر ڪي زخمي ٿيڻ جي صورت ۾ معاوضو ڏيڻ جو پيمانو**

| جريان نمبر | موت يا زخمي ٿيڻ | رپيا |
|---|---|---|
| .01 | موت | 500،000 |
| .02 | ٻوٽ ڪان يا مٿي ٻانهن ضايع ٿيڻ | 65،000 |
| .03 | ٻوٽ ڪان هيٺ ٻانهن ضايع ٿيڻ | 50،000 |
| .04 | گوڏي ڪان يا مٿي ڄنگهہ ضايع ٿيڻ | 65،000 |

| | | |
|---|---|---|
| .05 | گوڏي کان هيٺ ڄنگهه ضايع ٿيڻ | 60,000 |
| .06 | ٻئي ڄنگهون ضايع ٿيڻ | 1,40,000 |
| .07 | مستقل ٻڌڻ جي سگهه ضايع ٿيڻ | 65,000 |
| .08 | هڪ اک ضايع ٿيڻ | 75,000 |
| .09 | ٻئي اکيون ضايع ٿيڻ | 250,000 |
| .10 | آڱوٺو ضايع ٿيڻ | 40,000 |
| .11 | هڪ پير جون سڀ آڱريون ضايع ٿيڻ | 50,000 |
| .12 | شهادت واري آڱر ضايع ٿيڻ | 40,000 |
| .13 | شهادت واري آڱر کانسواءِ ڪا ٻه آڱر ضايع ٿيڻ | 38,000 |
| .14 | مستقل طور ڇهري يا مٿي جو خراب ٿيڻ | 50,000 |
| .15 | هڏي جي ٽٽڻ جو فريڪچر | 40,000 |
| .16 | ڪمزوري | 50,000 |
| .17 | هڪ ڏند ضايع ٿيڻ | 12,500 |
| .18 | ٻه يا وڌيڪ ڏند ضايع ٿيڻ | 25,000 |

| | | |
|---|---|---|
| .19 | ڪو زخم جنهن سان زندگيءَ جو خطرو هجي يا جيڪا تڪليف ڏيندڙ هجي، ويهن ڏينهن جي عرصي تائين، جسم ۾ سور هجي، روز مرهہ جا ڪم ڪار ڪرڻ ۾ رڪاوٽ هجي | 25،000 |
| .20 | زخم جيڪو متي چاڙايل نہ هجي | 10،000 |
| .21 | هٿ ضايع ٿيڻ | 50،000 |

**نوٽ:ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**